ڊاڪٽر غزالا رحمان رفيق

# سنڌي ٻوليءَ جو واڌارو ۽ سڌارو ڪھڙين صورتن ۾ ممڪن آھي؟


***Abstract:***

**What are the Conditions Necessary for the Appropriate Dissemination and Improvement of the Sindhi Language?**

*This paper will briefly discuss the ancient history, theories, and views about the origins and foundations of Sindh language. The various factors that have been detrimental for Sindhi language will also be listed and discussed. The Sindhi language (i) as a medium of instruction, (ii) at the level of primary education, and the (iii) importance of the mother tongue, will also be examined by making reference to nations that have successfully struggled for the protection of their mother tongue language. After a careful and thorough study, recommendations are offered for the dissemination and improvement of the Sindhi language.*


## تعارف:

دُنيا ۾ ڪيترائي ٻار مادري ٻوليءَ ۾ تعليم پرائڻ جي بُنيادي حق کان محروم آهن. جڏهن ته سموري دُنيا ۾ بُنيادي تعليم مُتعلق ٿيل تحقيق ٻُڌائي ٿي ته، ٻارن جي ذهني واڌ ويجهه لاءِ ابتدائي تعليم سندن ئي مادري ٻوليءَ ۾ ملڻ گھُرجي. مُنهنجيءَ تحقيق موجب جيئن ٻار جو جمڻ کان اڳ وجود، پنهنجي ماءُ سان، ناڙي جي ذريعي ڳنڍيل هوندو آهي، اهڙيءَ ريت ٻار جي جمڻ کان پوءِ، سندس ماءُ سان نفسياتي ۽ احساساتي ناتو، سندس ماءُ جي ٻوليءَ جي ذريعي جُڙيل هوندو آهي. پر جيڪڏهن ان ٻار کان ننڍپڻ ۾ ئي ڪانئسُ مادري ٻولي سِکڻ جو حق کسيو وڃي ٿو، ان ٻار جي ذهني واڌ ويجهه مُتاثر ٿئي ٿي. هي ته هُئا ٻه اهم مثال: هڪ مادري ٻوليءَ مُتعلق تحقيق ۽ ٻيو نفسياتي ۽ لساني تحقيق موجب، جنهن ذريعي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي موجوده حيثيت کي سمجهي سگهجي ٿو.





اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته، سنڌي ٻولي دنيا جي قديم ٻولين مان هڪ آهي. هن ٻوليءَ جي بُڻ بڻياد بابت ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن جا مُختلف رايا آهن. ان حوالي سان، ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب، ’سنڌي ٻوليءَ جو بُڻ بُنياد‘ ۾ ڪُل پنج نظريا پيش ڪيا آهن. جن ۾ سڀ کان پهريون نظريو، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو ڏنو آهي، جيڪو ڪُجھ هن ريت آهي.

سنڌي ٻولي سنسڪرت (مان) پراڪرت، پراڪرت (مان) پالي، پاليءَ (مان) شئورسيني، شئورسيني (مان) اَپڀرنش، ۽ اَپڀرنش (مان) وراچڊ اُپڀرنش جي معرفت يارهين صدي عيسويءَ ڌاري، هاڻوڪي صورت ورتي آهي. انهيءَ نظريي موجب سنڌي ٻولي سنسڪرت جي شاخ آهي. ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ هن نظريي جو مُحرڪ آهي، ڊاڪٽر ٽرمپ کان سواءِ ڪاڪو ڀيرو مل آڏواڻي، مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر گُربخشاڻي ۽ ٻيا ڪيترائي ڏيهي ۽ پرڏيهي عالم هن نظريي جا حامي رهيا آهن.(١)

ان کان علاوه ٻئي نظرئي جو مُحرڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ آهي، جيڪو ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪتاب، ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد‘ مطابق هن ريت آهي:
”سنڌ جو هي قديم تَمدن هڪ قسم جو غير آريائي تَمدن آهي، انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته، قديم سنڌي تَمدن جي ٻولي ٻه ڪا غير آريائي يا سامي صفت زبان هُئي، جا سنڌ مُلڪ جي اوائلي زبان هُئي. انهيءَ جا مَسخ شُده نشان موهن جي دڙي مان لڌل مُهرن تي موجود آهن.“(٢)

ان سلسلي ۾ ٽيون نظريو، محترم سراج الحق ميمڻ جو آهي، جيڪو ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪتاب، ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد‘ جي مطابق هيءُ آهي:
”سنڌي، سنسڪرت جي ڄائي نه، پر سنسڪرت، سنڌيءَ جي ڄائي آهي.“(٣)

اهڙيءَ ريت چوٿون نظريو، ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي پنهنجي والد ايس اين راءِ جي راءِ سان سهمت ٿيندي جوڙيو آهي، جنهن جو ذڪر ’مهراڻ‘ رسالي ۾ ڏنل سندس هڪ انٽرويو ۾ ملي ٿو، جيڪو ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪتاب، ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد‘ مطابق هن ريت آهي:” جيتري قدر وچ واري هند آريائي جي حيثيت جو واسطو آهي، موجوده سنڌي ناگر يا شئورسيني اپڀرنش سان گھٽي هڪ جهڙائي ڏيکاري ٿي، جيڪا (شئورسيني اپڀرنش) هندستان جي اُن زماني ۾ ساهتيا ٻولي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هُئي."(۴)

پنجون ۽ آخري نظريو، ڊاڪٽر غلام علي الانا جو آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بُنياد' ۾ لکيو آهي تہ: " ۳ ڊسمبر، ۱۹۹۷ع تي، مون ممبئي يونيورسٽيءَ جي، سنڌي وڀاڳ ۾'سنڌي ٻوليءَ جي آرڪيالاجيڪل اسٽڊي' جي موضوع تي، وضاحتي ليڪچر ڏنو هو. جنهن ۾ لسانيات جي ٻين ماهرن ڪان سواءِ ڊاڪٽر مُرلي ڌر جيٽلي، ڊاڪٽر عبدالستار دلوي، محقق هيرو ٺڪر، پروفيسر ٻلديو مٽلاڻي ۽ پروفيسر منوهر مٽلاڻي ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي اُستاد ۽ شاگرد موجود هئا. مون پنهنجي ليڪچر ۾، سلائيڊن ذريعي انهيءَ دعويٰ تي زور ڏنو هو تہ قديم دراوڙي ٻولي، براهوئي، داردي، سنڌي ۽ لهندي ٻولين، سنڌو ماٿر جي اصلوڪي زبان 'سنڌُئي' جي نسل جون ٻوليون آهن."(۵)

ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي تازو آيل ڪتاب، 'سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق جو جائزو' (۲۰۱۶ع) ۾، دُنيا جي مڃيل ٻولين جي ماهرن جي ڏنل حوالن آڌار تي هن چيو آهي تہ: "سنڌو لکت مان ئي ويدن جي براهمي لپي نڪتي آهي. ان آڌار تي سنڌو لکت کي سنسڪرت کان بہ قديم قرار ڏنو ويو آهي، ڇو جو سنسڪرت خود براهمي لِپيءَ مان نڪتل آهي."

ڊاڪٽر ابڙو ان ساڳئي ڪتاب ۾ وڌيڪ چوي ٿو تہ: "مختلف دورن ۾، هن ٻوليءَ جون ڪيتريون ئي لپيون رائج هُيون. رُڳو انگريزن جي دور ۾ اَٺ لپيون رائج هُيون." ان حوالي سان يوسف شاهين، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي متي ڄاڻايل ڪتاب جي مُهاڳ ۾، سنڌيءَ جي لپين جي باري ۾لکيو آهي تہ: "سنڌي صورتخطيءَ ۾ وقت سان گڏ ڪئين تبديليون ٿينديون رهيون. فاتحن جي ٻولين اچڻ کان علاوه، سنڌ ڏانهن وڏي پئماني تي هجرتن سبب، هتي ڪيتريون ئي صورتخطيون ۽ ٻوليون پُهتيون. جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي، ان وقت سنڌي ٻولي اَٺن صورتخطين ۾ لکي ويندي هُئي: ٺٽوي، ديوناگري، گُرمُکي، خُدا آبادي، لوهاڻڪي، ميمڻي، خواجڪي ۽ هَٽ واڻڪي."(٦)

سنڌي ٻولي لڳ ڀڳ يارهن سئو سال پاليءَ، لڳ ڀڳ ڇهہ سئو سال عربيءَ ۽ لڳ ڀڳ اَٺ سئو سال فارسيءَ جو اثر قبول ڪرڻ ڪان پوءِ بہ پنهنجو وجود بچائيندي





پيئي اچي. ويجهي ماضيءَ تي نظر تا وجهون تہ سنڌ جي تعليمي نظام ۾ مونجهارو، ورهاڱي کان اڳ ئي موجود هو. مثال طور: انگريزن جي دؤر ۾ هڪ پڙهيل ڳڙهيل طبقي، انگريزي ٻوليءَ جي ذريعي پاڙ کي مٽيرو ڪيو. پر ان تنهن هوندي بہ اسان جي سُجاڻپ مُتاثر نہ ٿي. اسين سنڌي ماڻهو پوءِ بہ پنهنجي ٻوليءَ سان واڳيل رهياسين، پر سنڌ جي تعليمي سرشتي ۾ اهم مونجهارو، ورهاڱي کان پوءِ پيدا ٿيو آهي، جنهن جي مثالن کان نہ صرف اسين چڱيءَ ريت واقف آهيون، پر اڪثر ڪري انهن جو ورجاءُ علمي ۽ ادبي ويهڪن ۾ ٿيندو رهندو آهي.

دنيا جي يونيورسٽين ۾ جتي بہ ٻولين تي ڪم ٿيندو رهندو آهي، لسانيات جي شعبي ۾ ڪجهہ اهم تَصوُرَ هي آهن: (Linguistic Imperialism) ٻوليءَ تي ڏاڍ، (Language Death) ٻوليءَ جو موت ۽(Language Shift) ٻوليءَ جي تبديلي.

ان کان سواءِ، ٻيا اهڙا ڪيترا ئي تصور آهن، جن تي دنيا جي مختلف يونيورسٽين ۾ ڪم ٿي رهيو آهي. دنيا جا عملي لسانيات يا اپلائيڊ لنگوسٽڪس جا ڪي ماهر، ٻوليءَ جي فطري طريقي سان تبديليءَ ۽ زوري تبديليءَ کي مختلف انداز سان ڏسن ٿا. سنڌ ۾ لسانيات جي موضوع تي ڪجهہ ڪم ٿيو آهي، پر عملي لسانيات تي اجا ايترو ڪم نہ ٿيو آهي، جيترو ٿيڻ گهرجي.

## مواد ۽ تجزيو:

منهنجي تحقيق موجب سنڌي ٻوليءَ کي پنجن ڏيکن کان ڏسي سگهجي ٿو، اُهي پنج ڏيک پنج 'ميم' آهن. جن جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو:

۱. ميم سان مقولي
۲. ميم سان مِلت
۳. ميم سان مِلٽري
۴. ميم سان مُهاجر
۵. ميم سان مهراڻ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## ميم سان مقولي:

مقولي هڪ انگريز سياستدان هو، جنهن هندستان جي تعليم تي ١٨٣٥ع ۾ لکيو ته،

" It is, I believe, no exaggeration to say that all the historical information which has been collected from all the books written in the Sanskrit language is less valuable than what may be found in the most paltry abridgement used at preparatory schools in England".

مٿئين بيان مان چٽو ظاهر ٿئي ٿو ته، هن انگريز عملدار (جنهن جو هندستان جي تعليمي سرشتي تي شايد گهڻو اثر هو) جي ذهن ۾ هندستان جي قديم ٻولين لاءِ ڪيترو احترام هو. شايد هن کي ڄاڻ نه هُئي ته نندي کنڊ جي ٻولين جي باري ۾ ۽ هتان جي ثقافت ۽ هتان ته رائج ٿيل قديم تعليمي سرشتي، جيڪو گروڪل، پاٺشالائن، خانقاهن، ۽ مدرسن تي مشتمل هو ۽ آهي، ۽ جتان وڏا ڏات ڌڻي پيدا ٿي رهيا هئا ۽ جتي ڪيترو ئي ڪم ٿي چُڪو هو. انگريزن جي هن رويي جي ڪري اسان جي ابن ڏاڏن انگريزيءَ کي اختيار ڪيو، جيڪي ناسي يا برائون انگريز بڻجي ويا.

اها مڃيل حقيقت آهي ته ، انگريزن جي دؤر ۾، سنڌي ٻوليءَ کي ڪيترائي فائدا پُهتا، هنن، سنڌي صورتخطي جوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت ڏني، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب تي تحقيق ڪئي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر جوڙيو، پر اسان کي اها ڳالهه به شايد سمجهڻ کپي ته، انگريزن، سنڌي ٻوليءَ جي پُنيرائي ۽ سهائتا ان ڪري ڪئي جو، انهن کي سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ جي مدد کپندي هُئي.

ٿي سگهي ٿو ته اهو انگريزن جي لاءِ وڌيڪ سولو هو ته، سنڌيءَ کي سنڌ جي سرڪاري ٻولي ڪجي، ۽ فارسيءَ جي اهميت کي گهٽائي ڇڏجي. ڇو ته اها سنڌ جي مٿئين طبقي جي ڳالهائيندڙ ۽ سرڪاري سطح تي رائج هُئي، ۽ سنڌي ٻولي عام ماڻهن جي اندر ۾ پيئل ۽ ڳوهيل هئي. جنهن ڪري انگريزن مٿئين طبقي ۾ رائج ٿيل فارسي ٻوليءَ کي ته سولائيءَ سان، 'ڪير مان ملائيءَ وانگر ڪڍي ڇڏيو'، پر سنڌ جي عام ماڻهن جي اندر ۾ پيئل ۽ ڳوهيل ٻوليءَ کي ٻاهر ڪڍي نه سگهيا. ان ڪري انهن سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري حيثيت ڏني، پر اسان کي ان ڳالهه تي به ڌيان ڏيڻو پوندو، بلڪ





تحقيق ڪرڻي پوندي ته، انگريزن جيڪو سنڌي ٻوليءَ کي عربي لپيءَ ۾ رائج ڪرايو، ان سان ڪٿي سنڌ ۾ ان وقت رائج اَنَن لِپين کي نقصان ته نه پهتو؟

عملي لسانيات جي محققن لاءِ اها ڳالهه به دلچسپ آهي ته، جيڪڏهن ان وقت اُهي لپيون سنڌ جي مدرسن ۽ پاٺشالائن، يعني سنڌ جي تعليمي سرشتي ۾ رائج هيون ته ان وقت، نج سنڌي-عربي لپي رائج ڪرڻ سان ڪٿي سنڌي تعليمي سرشتي کي نقصان ته نه پهتو؟ ڇا انهن لپين جي ختم ٿيڻ سان، انهن لپين سان ڳنڍيل ثقافت به سنڌ مان اٽلپ ته نه ٿي وئي؟ هتي ڪُجهه ٻيا سوال به اُٿي سگهن ٿا ته، ڇا انگريزن، هندن کي ديوناگري ڏانهن ڇاٽي واٽي مائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي؟ ڇا انگريزن، مسلمانن کي عربي لپيءَ ۾ پڙهڻ لاءِ قائل ڪيو؟ ڇا انگريزن ان وقت سنڌ ۾ اهو پئي سمجهيو ته هنن لپين سان مخصوص مذهب جُڙيل آهن؟ هنن نقطن تي ڪُجهه تحقيق ٿي رهي آهي، پر سنڌ جي حوالي سان اڃا وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي گهرج آهي. ڇاڪاڻ ته ان معيار جي تحقيق نه ٿي آهي.

## ميم سان مِلت:

پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ 'مِلت' جي نعري کي هٿي وٺرائي وئي، يعني اهو نعرو ايئن هنيو ويو ته، جي ان جي تشريح ڪريون ته اها هن ريت ٿي سگهي ٿي: " اسان جو مُلڪ پاڪستان، اسان جو مذهب اسلام ۽ اسان جي ٻولي اردو آهي." ايئن ٽيلبٽ هڪ برطانوي تاريخدان جي ڪتاب، 'پاڪستان اي ماڊرن هسٽري' (٢٠٠٠ع) مان، ان دؤر جي حالتن جو ڪُجهه اندازو ٿي سگهي ٿو. انهن شروعاتي ڏينهن ۾،سنڌين کي اڃا اهو اندازو به نه هو ته، ورهاڱي کان پوءِ سنڌ مان بهترين استاد لڏي ويندا ۽ ان جو سنڌ جي سموري سرشتي تي هاڃيڪار اثر پوندا.

ان نعري ۽ تعارف موجب، پاڪستان ۾ رهندڙن کي هڪ قوم قرار ڏنو ويو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته پاڪستان ۾ موجود ٻين قومن، سنڌي، بلوچ، بنگالي، پٺاڻ ۽ پنجابي جي ثقافت، سڃاڻپ ۽ ٻوليون 'هڪ قوم' جي نظرئي، جذبي ۽ نعري هيٺ دٻجي ويون. جڏهن ته ١٩٤٣ع جي پاڪستان جي ٺهراءُ موجب اسان پنهنجي ٻوليءَ، ثقافت ۽ ٻين حقن جي حوالي سان، خودمختيار هُئاسين، پر پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ

اهي اختيار قومن کي نه مليا. بهر حال اهي ته سياست جا معاملا آهن پاڻ ان ۾ نه ٿا وڃون، پر ان جا منفي اثر اسان جي تعليمي سرشتي، اسان جي ٻوليءَ، اسان ماڻهن جي فطري ارتقا، ثقافت ۽ سڃاڻپ تي ضرور پيا.

## ميم سان مِلٽري:

پاڪستان جي ٺهڻ کان ١١ سال پوءِ، يعني ١٩٥٨ع ۾، جنرل ايوب خان پهرين مارشل لا لاڳو ڪئي. ان دور ۾ وڪيل نورالدين سرڪيءَ ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي احتجاجن هڪ ڪيس وڙهيو هو ته ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾، سنڌي شاگردن کي سنڌيءَ ۾ امتحان ڏيڻ جو حق، جيڪو اڳ ئي حاصل هو، اهو نه کسيو وڃي. ٻي مارشل لا، جنرل يحييٰ خان ١٩٦٩ع ۾ لاڳو ڪئي. ٽين مارشل لا، ١٩٧٧ع ۾ جنرل ضياءُ الحق لاڳو ڪئي. هنن سڀني مارشلائن جي دؤرن ۾، سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجھ جا رستا سرڪاري توڙي غير سرڪاري طريقن ذريعي روڪيا ويا. سنڌي ٻوليءَ تي پابندي هنئين وئي، ايتري قدر جو سنڌ لفظ لکڻ تي سزائون ڏنيون ويون. اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان، سنڌي ٻوليءَ کي نيڪالي ڏني وئي. روڊن، رستن، ادارن ۽ اسٽيشنن جا نالا سنڌيءَ مان ڊهرائيءَ اردو ۾ لکرايا ويا ۽ مٽايا به ويا. سنڌي ٻولي جي ليکڪن، شاعرن، اديبن ۽ سياستدانن، جن به سنڌي ٻوليءَ جي حمايت جي ڳالھ ڪئي، انهن جي ڪتابن تي پابنديون هٽيون، ڪين جيل موڪليو ويو. اُنهن ۾ حيدر بخش جتوئي، جي ايم سيد، شيخ اياز، عبدالواحد آريسر، رسول بخش پليجو، طارق اشرف، حميد سنڌي ۽ ٻيا به ڪيترائي شامل هُئا. جنهن جو اظهار شيخ اياز پنهنجي هڪ شعر ۾ هينئن ٿو ڪري ته: ”سنڌڙي تُنهنجو نانءُ ورتو، ڪاريهر تي جڻ پيرُ پيو“... (شيخ اياز)

## ميم سان مُهاجر:

پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ، تُرت ئي، سنڌ جو گهٽي ياڳي پڙهيل ڳڙهيل طبقو، يعني، سنڌي هندو سنڌ ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويا ۽ هندستان مان مُهاجرن کي سنڌ ۾ آڻي آباد ڪيو ويو. مهاجرن کي پنهنجيون ٻوليون ته هيون، پر اُهي پنهنجي ڌرتيءَ کان ڌار ٿي ويا. ٻوليءَ جو رشتو حقيقت ۾ ڌرتيءَ سان ڳنڍيل هوندو آهي، جڏهن هنن





محسوس ڪيو ته هو هڪ قوم آهن جنهن وٽ ٻوليون ( اردو کان علاوه ٻيون به ٻوليون هيون) آهن، پر ڌرتي نه آهي. تڏهن هنن پاڻ کي هڪ ڳنڍيل سُڃاڻپ جي نالي تي متحد ڪيو. ان تحريڪ جي شروعات ته ١٩٤٧ع کان ٿي هئي، پر ان تحريڪ جو عروج ١٩٧٠ع جي ڏهاڪي ۾، جڏهن سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ اسيمبلي، سرڪاري ٻولي قرار ڏنو ته، رئيس امروهيءَ جي ان هڪ شعر مان ظاهر ٿئي ٿو ته، ”یہ اردو کا جنازہ ہے، ذرا دھوم سے نکلے“.

مُهاجرن جي سياسي پارٽي، ايم ڪيو ايم جي ٺهڻ ۽ ان جي حُڪومت اچڻ کان پوءِ ويتر هڪ مُنظم سازش تحت، سنڌي ٻوليءَ کي تعليمي ادارن، انتظامي ادارن ۽ مارڪيٽ مان نيڪالي ڏني وئي. خاص طور تي ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص ضلعن اندر، سرڪاري اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين ۽ انتظامي ادارن مان، سنڌي ٻوليءَ کي نيڪالي ڏني وئي. سنڌي ميڊيم اسڪولن کي اردو ميڊيم اسڪولن ۾ مٽايو ويو. مثال طور تي چنيسر ڳوٺ (ڪراچي) ۾، چنيسر ڳوٺ سنڌي ميڊيم اسڪول جيڪو ١٨٥٠ع جي ڏهاڪي کان موجود آهي، ۽ گذري (ڪراچي) سنڌي ميڊيم اسڪول، جيڪو ١٩١٨ع ۾ ٺهيو هو، ٽن سنڌي ميڊيم اسڪولن اندر، اردو ميڊيم اسڪول، لڪ ڇُپ ۾ اهڙي طريقي سان قائم ڪيا ويا جو انهن مان سنڌي ميڊيم آهستي آهستي ختم ٿيندو ويو.

حُڪومت ۾ هُجڻ دوران، پوليس، روينيو، عدليا ۽ ٻين انتظامي ادارن مان، سنڌي ٻوليءَ کي نيڪالي ڏني وئي. ان کان علاوه شهرن ۾ فساد ڪرائي، مارڪيٽن تي قبضو ڪري ۽ خوف جي فضا قائم ڪري اُتي اردو ٻوليءَ کي زبردستي رائج ڪرايو ويو. انهن سببن ڪري سنڌي ٻوليءَ کي تمام وڏو ڇيهو رسيو آهي.

## ميم سان مهراڻ:

مهراڻ مان مُراد، اسين سنڌي. مُنهنجي مُطالعي، مُشاهدي ۽ تحقيق موجب، مٿين چئن سببن، سنڌي ٻوليءَ ۽ انهيءَ جي تعليمي سرشتي کي وڏو ڇيهو رسايو آهي. حقيقت ۾ ڏنو وڃي ته، سنڌي ٻوليءَ کي ڇيهو، اسان سنڌين پاڻ رسايو آهي. ڇا ڪاڻ ته اسان سنڌين جو گهٽي ياڳي اهو لاڙو رهيو آهي ته، اسين پاڻ کي سڀ ڪجھ هوندي سوندي محروم ٿا سمجهون. هڪ بهتر تعليمي سرشتي هوندي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تعليم جي ذريعي طور استعمال ٿيندي هُئي، پر گذريل ستن ڏهاڪن جي تاريخ تي نظر وجهجي ته اندازو ٿئي ٿو ته، اسان سنڌين جي لاپرواهي ۽ ڪاهليءَ جي ڪري اڄ ڪراچيءَ سميت سنڌ جي وڏن شهرن حيدرآباد ۽ ميرپور خاص جي سنڌي اسڪولن ۾، سنڌي جهڙوڪر ختم ٿيندي پئي وڃي. سنڌي ميڊيم اسڪولن جي هوندي سوندي به اسان پنهنجن ٻارن کي، اردو ۽ انگريزي ميڊيم اسڪولن ۾ ٿا داخل ڪرايون ۽ جي اسان جي علائقن ۾ سنڌي ميڊيم اسڪول نه آهن ته، اسان ان لاءِ آواز ڇو نه ٿا اُٿاريون. جڏهن ته قانون ۾ به اهو حق اسان کي مليل آهي.

انهن جي جڳهه تي اردو ۽ انگريزي ميڊيم اسڪولن ۽ اردو ۽ انگريزي ٻوليءَ جاءِ والاري آهي. مهاجرن صرف ٻوليءَ جي آڌار تي پاڻ کي مُتحد ڪيو آهي، پر اسان ٻولي ۽ ڌرتي هوندي به، پنهنجي ٻوليءَ کي تعليمي ادارن ۾ نه بچائي سگهيا آهيون. پر ڏنو وڃي ته گذريل اٺن سالن کان، جڏهن سنڌي ئي سنڌ تي حڪومت ڪن پيا ۽ ارڙهين ترميم کان پوءِ تعليم جو شعبو مڪمل طور تي صوبائي اختيار آهي، ته پوءِ سنڌي ميڊيم تعليم جي گُنجائش ڇو نه وڌي آهي.

مون مٿي ذڪر ڪيو آهي ته سنڌي ميڊيم اسڪولن کي، اردو ميڊيم اسڪولن ۾ تبديل ڪرڻ جي عمل ۾، ڪنهن جو هٿ هو، پر منهنجي نئين ڄاڻ موجب، ان عمل ۾ اسان سنڌين جو به هٿ آهي. هيءَ ته ماضيءَ جي ڳالهه آهي. اڄ جو اهم سوال اهو آهي ته، جڏهن سنڌي اقتدار ۾ هوندا آهن، جڏهن تعليم کاتي جا ڌڻي هوندا آهن، تڏهن سنڌ جي سنڌي ميڊيم اسڪولن ۾ سنڌيءَ جي ڪهڙي صورتحال هوندي آهي؟ يا وري، مثال طور تي، سنڌ جي ٻن نالي وارن اسڪولن، اين جي وي هاءِ اسڪول ۽ سنڌ مدرسي ۾ هن وقت سنڌي ٻولي بذريعه تعليم جي حيثيت ۾ ڪهڙي حيثيت ۾ آهي؟ جڏهن سنڌ جو تعليم کاتو، سنڌ جي ٻارن کي چيني ۽ انگريزي ٻولين ۾ تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪوششون وٺي رهيو آهي. ته پوءِ آخر سنڌي ٻارن کي سنڌن ڌرتيءَ جي ٻوليءَ ۾ پڙهائڻ کان ڇو ٿو ڪيٻائي؟

مٿي ته آئون علمي ۽ تعليمي ادارن جي ڳالهه ڪئي اٿم، پر ڏنو وڃي ته اسان سنڌي ذاتي زندگيءَ ۾ به پنهنجي سنڌي ٻوليءَ کي ڏينهون ڏينهن گهٽ اهميت ڏيئي رهيا آهيون. پنهنجي سنڌي ٻولي عوام آڏو کُلي ڳالهائڻ کان ڇو ٿا ڪيٻايون؟ پنهنجي





ٻوليءَ کي ٻين ٻولين کان گهٽ ڇو ٿا سمجهون.؟ پنهنجن ٻارن سان سنڌيءَ ۾ نه ڳالهائڻ واري رَوَيي جو گهرائيءَ سان ڇيد ڪرڻ گهرجي. اسان جي آڏو اردو ڳالهائيندڙ ڀلي هڪ ڄڻو هُجي، پر اسان سنڌي ڳالهائيندڙ ڏهه ڄڻا هُجون، پوءِ به اسان پنهنجي ٻولي ڇڏي ان سان اردو ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا آهيون. نه صرف اهو پر اسان جا ڪيترائي پڙهيل ڳڙهيل سنڌي، مثال طور تي، سنڌي ڊاڪٽر ۽ ٻين پيشن سان لاڳاپيل سنڌي، مريضن يا سنڌي ڳالهائيندڙن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي ڇو لهرائيندا آهن؟

اسان سنڌين پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ڏانهن اهڙن رَوَين رکڻ جي ڪري پاڻ ئي سنڌي ٻوليءَ جو نقصان ڪيو آهي. جيڪڏهن اسان کي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ تي فخر هُجي ها ۽ ان کي ڳالهائيندي شرمندگي محسوس نه ڪريون ها، ۽ ٻين ٻولين ڳالهائيندڙن سان هڪ دوست، تعليمدان، اديب، سياستدان، ليکڪ، ۽ واپاريءَ جي حيثيت ۾ پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهايون ها ته اڄ سنڌي ٻوليءَ جي اهڙي حالت نه هُجي ها.

## نتيجو:

اَڄ مٿي چئي آئي آهيان ته، سنڌي ٻوليءَ کي ٻين ته ڇيهو رسايو آهي، پر انهن سڀني کان وڌيڪ اسان سنڌين پاڻ سنڌي ٻوليءَ کي ڇيهو رسايو آهي. تنهن ڪري ان نقصان جو تدارڪ به اسان سنڌين کي ئي ڪرڻو پوندو ۽ ڪري سگهون به ٿا. اسان سنڌين کان وڌيڪ رنڊڪون، ٻوليءَ ۽ تعليم جي ميدان ۾، دنيا جي ٻين قومن ڏٺيون آهن. هنن انهن گهوٽالن مان نڪرڻ جا رستا به ڳولي ورتا، جيتوڻيڪ هنن کي سوين يا هزارين سال لڳا.

## ڪاتالان ٻولي:

قديم ڪيٽلونيا، اڄ اسپين ۽ فرانس ۾ ورهايل آهي. جڏهن ته ڪنهن دؤر ۾ اُهو هڪ آزاد مُلڪ هو، پر سورهين صديءَ کان پوءِ، ڪاتالان ادب ۾ هڪ زوال آيو، ڇاڪاڻ ته اسپينش ٻولي، ڪاتالان ٻوليءَ تي اثرانداز ٿي وئي. جنهن جي ڪري شهري ۽ ادبي طبقا، ٻئي ٻوليون، اسپينش ۽ ڪاتالان ڳالهائڻ لڳا. ارڙهين کان ويهين صديءَ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تائين ڪيٽلونيا کي فرانس جو حصو بڻايو ويو، جنهن دوران سرڪاري حڪم نامي موجب، ڪاتالان ٻولي ڳالهائڻ تي پابندي لڳائي وئي. ڪيٽلونيا جي اسٽيٽسٽيڪل انسٽيٽيوٽ ۲۰۰۸ع ۾ چيو ته، ڪاتالان ٻولي ڪيٽلونيا ۾ اسپينش ( جيڪا اسپين جي سرڪاري ٻولي آهي )کان پوءِ ٻي اهم ڏيهي ۽ پاڻ کي ظاهر ڪندڙ ٻولي آهي.

ڪيٽلونيا جي ماڻهن جي تمام گهڻي جدجهد کان پوءِ جڏهن اسپين جمهوري ملڪ ٿيو(۱۹۷۵ع)، تڏهن ڪاتالان کي سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت، تعليمي ٻوليءَ جو مقام ۽ نشر و اشاعت جي ٻولي قرار ڏنو ويو. جنهن سان ان ٻوليءَ جي مانَ ۽ مرتبي ۾ تمام گهڻو واڌارو آيو. ڪاتالان هاڻي ڪيٽلونيا جي اسڪولن ۾ پڙهائڻ لازمي ٿي وئي آهي، پر ڪيٽلونيا جي سرڪاري اسڪولن ۾ اسپيني به پڙهي سگهجي ٿي.

### هئبرو ٻولي:

برطانوي اختيار موجب جڏهن فلسطين کي اسرائيل قرار ڏنو ويو، ۽ ۱۹۴۷ع ۾ ان جو بنياد وڌو ويو، تڏهن سڄي دنيا مان يهودي، اسرائيل ۾ اچي گڏ ٿيا، پر حيرت جي ڳالهه اها آهي ته اُهي ۱۹۱۸ ۾ هيبرو يونيورسٽيءَ جو بُنياد، يروشلم ۾ اڳ ئي رکي چڪا هُئا، جنهن جي بانين ۾ البرٽ آئنسٽائن به شامل هو.

۱۹۱۸ع توڙي ۱۹۴۷ ۾ به هيبرو، مرندڙ ٻولين ۾ شامل هُئي، پر يهودين، اسرائيل ناهڻ کان پوءِ هيبرو ٻوليءَ کي قومي ۽ سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏيئي، سرڪاري، عوامي ۽ خانگي سطحن تي جيئرو ڪيو. هنن پنهنجن ٻارن کي پنهنجن گهرن، اسڪولن ۽ ڪِبتزَن ۾ذميواري ۽ جنون سان پڙهايو. اهو سڀ ڪجهه انهن پنهنجيءَ بقاءَ لاءِ ڪيو، ڇاڪاڻ ته هنن ٻوليءَ جي بقاءَ کي پنهنجي بقاءَ سمجهو ۽ هنن انهيءَ عمل کي پنهنجي سُڃاڻپ خاطر ڪيو. اهو بحث الڳ آهي ته ڇا هيبرو ٻولي سڄي دُنيا جي يهودين جي مادري ٻولي آهي به يا نه؟

### سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سُڌار لاءِ صلاحون:

سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سُڌاري لاءِ ٻيو ڪو ٻاهران اچي اسان سنڌين لاءِ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair



ڪوشش ونندو، اها سوچ غلط آهي. پنهنجي سُڃاڻپ کي سدائين قائم رکڻ لاءِ ۽ پنهنجي محفوظ مستقبل لاءِ اسان کي پاڻ اڳيرو ٿيڻو پوندو. هنن مقصدن کي ماڻڻ لاءِ هيٺ ڏنل ٽن ميدانن ۾ جاکوڙ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

### انفرادي ميدان:

اجا به وقت ناهي ويو، نقصان جيترو ٿيڻو هو، سو ٿي ويو. هاڻي بجاءِ ڪنهن نقصان ڏنو ۽ ڇو ڏنو، ڇا لاءِ ڏنو، تي بحث ڪرڻ جي، اسان سڀني سنڌين کي انفرادي توڙي اجتماعي طور تي سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه لاءِ شروعات پنهنجو پاڻ کان ۽ پنهنجي گهر کان ڪرڻي پوندي. اسان کي ادبي ميڙن، جتي خاص طرح سان شاعري، ناول، تاريخ، سنڌ جي شخصيتن ۽ ٻين موضوعن تي مقالن جي صورت ۾ ذڪر ٿيندو رهندو آهي. پر ضرورت ان شيءِ جي آهي ته، ٻوليءَ کي عام گڏجاڻين سان گڏوگڏ مارڪيٽ ۾ به واهپو برقرار رکڻو پوندو. اها ڪِرت روزانو ڪرڻي پوندي، تڏهن ئي اسان پنهنجي ٻوليءَ کي اهو مقام ڏياري سگهنداسين، جيڪو اسين ڏيارڻ چاهيون ٿا.

ڏنو وڃي ته اسان سنڌي ٻوليءَ جي واهپي لاءِ ڪيترا ئي انفرادي اُپاءَ وٺي سگهون ٿا. سنڌي گهرن ۾سنڌي اخبارون اچڻ گهرجن، جيڪو گهر جو ڀاتي اخبار پڙهي سگهي اهو ٻين گهر ڀاتين کي پڙهي ٻُڌائي. ان کان سواءِ اسين پاڻ سوچيون ته اسان ڪٿي ڪٿي ننڍڙين ڪوشش ذريعي سنڌي ماڻهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پکيڙ لاءِ انهن جي شعور کي وڌائي ان اهم معاملي ۾ نئين سري سان انهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪريون. مثال طور تي سنڌي علائقن ۾ سنڌي ڀاڄي وارو جيڪو هوڪو ڏيندو آهي، اهو به اردو ۾ ڏيندو آهي، يا سنڌي علائقن ۾ بس ڪنڊيڪٽر سنڌي هوندي ڀاڙو اردو ۾ گهُرندو آهي. اسان کي گهُرجي ته انهن کي پنهنجي ٻولي واپرائڻ جي هدايت ڪريون.

### اجتماعي ميدان:

ڪراچي، حيدرآباد ۽ ميرپورخاص توڙي نوابشاهه جي ڪيترن ئي سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن ۾، سنڌي نٿي پڙهائي وڃي، جڏهن ته انهن اسڪولن ۾، وڏو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تعداد سنڌي ٻارن جو پڙهندڙ آهي. اتي اسان، سيني سنڌي والدين جو فرض آهي ته، اسان اسڪول انتظاميا سان ڳالهايون ته اسان جي ٻارن جي مادري ٻولي سنڌي آهي، ان ڪري انهن کي سنڌيءَ ۾ پڙهايو وڃي، نه ته ٻيءَ صورت ۾ اسان پنهنجن ٻارن کي اسڪولن مان ڪيرائي ويندا سين. اهڙن عملن سان اسان سنڌي ٻوليءَ کي اسڪولن ۾ رائج ڪرائي سگهون ٿا، ڇو ته اهو اسان جو قانوني حق آهي.

اهڙو هڪ مثال، حيدرآباد جي قاسم آباد واري علائقي جو ملي ٿو. هڪ خانگي اسڪول ۾ هڪ سنڌي ڪُٽنب پنهنجا ٻار داخل ڪرايا، پر انهن کي سنڌي نه پئي پڙهائي وڃي. ٻارن جي مائٽن، اتي پڙهندڙ ٻين سنڌي ٻارن جي سيني مائٽن سان رابطو ڪري انهن کي به متفق ڪري اسڪول انتظاميا سان ڳالهايو ته، اسان جي ٻارن کي سنڌي به پڙهائي وڃي، نه ته ٻيءَ صورت ۾ اسان سيئي پنهنجن ٻارن کي اسڪول مان ڪيرائي ڪنهن ٻئي اسڪول ۾ داخل ڪرائينداسين. والدين جي اهڙي جواب ملڻ کان پوءِ اسڪول انتظاميا مجبور ٿي والدين سان ڳالهيون ڪري سنڌي پڙهائڻ لاءِ راضي ٿي وئي.

سنڌ ۾ سڄي پاڪستان جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾، سنڌي ٻوليءَ جا ڪلاس هر درجي جا هلائڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ گهرجي. اهڙيءَ ريت ٻيا به ڪيترائي طريقا آهن، جن ذريعي اسان خانگي طرح سان سنڌي ٻوليءَ کي رائج ڪرائي سگهون ٿا.

## ادارتي ميدان:

سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه، ترقيءَ ۽ ان جي پکيڙ توڙي ان کي ادارن ۾ رائج ڪرائڻ لاءِ ڪوشش وٺندڙ ادارا به جُڙيل آهن. جهڙوڪ: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، سنڌي ادبي بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ وغيره. پر اهي ادارا پنهنجو ڪردار فعال طريقي سان نه پيا نڀائن. انهن کي بااختيار ۽ فعال بڻائڻ جي ضرورت آهي. جيڪي سنڌي ٻولي نه پڙهائيندڙ اسڪولن، توڙي ادارن کي نوٽيس موڪلي قانوني ڪارروائي ڪري سگهن، انهن جي رجسٽريشن رد ڪري سگهن وغيره وغيره.





۲۰۱۲ع ۾ زيبسٽ يونيورسٽيءَ اندر، سنڌ اِيپاس اڪيڊميءَ نالي ادارو قائم ڪيو ويو. ڪيترين ئي رنڊڪن جي باوجود، هتي سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ثقافت جا پير ڄمائڻ ۾ ڪامياب وياسين. ان کي تعليم ۽ تدريس جو حصو بڻائڻ جي ڪوشش طور اسان سنڌي ٻوليءَ جا ڪلاس هلايا. ان کان علاوه سنڌي ثقافت، سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي آرٽ ۽ موسيقيءَ ۽ سنڌ سان لاڳاپيل ٻين انيڪ موضوعن تي ليڪچر، سيمينار، ڪانفرنسون ۽ ڪچهريون ڪرايون، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته، جنهن اداري ۾ سنڌي فئڪلٽي، اسٽاف ۽ شاگردن جي وڏي تعداد هئڻ باوجود هو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا نه هئا ۽ لهرائيندا هئا يا شرمندگي محسوس ڪندا هئا، اهي هاڻي هتي زيبسٽ ۾ فخريه طور تي سنڌي ٻولي نه صرف ڳالهائڻ لڳا آهن، پر سکڻ لاءِ به اداري کي گذارشون ڪندا رهندا آهن. سائين آغا سليم جي چوڻ موجب ته: ”سنڌ اِيپاس اڪيڊمي، هڪ لُپائيندڙ جزيرو آهي، ان وانگر ڪراچيءَ ۾ اسان سنڌين لاءِ اهڙا ٻيا به جزيرا هئڻ گهرجن.“

## سرڪاري ۽ سياسي ميدان:

يقيناً اسان کي انفرادي توڙي اجتماعي طور تي سنڌي ٻوليءَ جي مضبوطيءَ ۽ پکيڙ لاءِ جوڳا اُپاءَ سدائين وٺڻ گهرجن. ان سان گڏوگڏ اسان کي سدائين اهو به ياد رکڻ گهرجي ته، سرڪاري رٿابنديون ۽ پاليسيون اسان تي ڪيترو اثرانداز ٿينديون رهنديون پئي آيون آهن. اسين هنن جي ڏنل دائرن جي ڪري، اڪثر ٻوليءَ جي ڪردار کي سنڌ ۾ وڌيڪ پکيڙي نه سگهيا آهيون.

سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ لکيل پاليسي جي فعال نه هجڻ جي ڪري، اڻ لکيل پاليسيون سنڌي ٻوليءَ جي پکيڙ ۾ رنڊڪون وجهي رهيون آهن. ان ڪري اسان کي وفاقي توڙي صوبائي حڪومتن کي اهو به هر هر ياد ڏيارڻو پوندو ته، سنڌي ٻوليءَ جي ڪيتري اهميت آهي. اها اسان لاءِ ڪهڙو مقامُ ٿي رکي. جيئن سنڌ ۾ سنڌو درياءَ جي اهميت آهي، اهڙيءَ ئي ريت سنڌي ٻوليءَ جي به اوتري ئي اهميت آهي. ته جيئن حڪومت سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان جوڙيل پاليسيءَ تي نئين سِري سان نظرثاني ڪري ۽ ان کي فعال ڪرڻ ۾ ڦُڙتيءَ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪري.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هڪ قوم جي ٻوليءَ جا حق ٻن بُنيادن تي مُنحصر ٿي سگهن ٿا. گڏيل قومن جي اداري موجب مادري ٻولي هڪ انساني حق آهي. ٻيو بُنياد، منهنجي نظر ۾، انهيءَ ڳالهه تي اچان ٿو ته ٻارن جي ابتدائي تعليم مادري ٻوليءَ ۾ هئڻ گهرجي، ڇو ته ڪيترن ئي ٻولين جي ماهرن جي تحقيق ٻڌائي ٿي ته انسان جي ذهني تربيت جو دارومدار ان تي ٻڌل هُجي ٿو. پوءِ اها تربيت پلي گهر ۾ ٿي هُجي يا اسڪول ۾.

## حوالا

١. الانا، غلام علي، ’سنڌي ٻوليءَ جو بُڻ بُنياد‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٻيو ڇاپو، ٢٠٠٩ع، ص:٣١.

٢. ساڳيو، ص:٣٦.

٣. ساڳيو، ص:٣٧.

٤. ساڳيو، ص:٤٣.

٥. ساڳيو، ص:٤٢.

٦. ابڙو، آفتاب، ’سنڌو لڪت تي ٿيل تحقيق جو جائزو‘، پيڪاڪ پرنٽرز، ڪراچي، ٢٠١٦ع، ص: ٢٤.

(نوٽ: هيءُ مقالو ليکڪا پاران ’سنڌي ٻولي بين الاقوامي ڪانفرنس‘، ٢٩ کان ٣١ جنوري، ٢٠١٦ع جي موقعي تي پڙهيو ويو.)

## ڪتابيات


1. Field, M. (1998). Maintenance of indigenous ways of speaking despite language shifts: Language socialization in a Navajo Preschool. Dissertation study, University of California, Santa Barbara.
2. Fishman, J.A (1968). *Language problems of developing nations.* New York: Wily.
3. Mansoor, S. Meraj S. Tahir A. (2004). Language Policy, Planning and Practice: A South Asian Perspective. Karachi: Oxford University Press.
4. Rahman, T. (2005). Denizens of Alien Worlds: A Study of Education, Inequality and Polarization in Pakistan. USA: Oxford University Press.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair




5. Spolsky, B. (2004). Language Policy. Cambridge, UK: Cambridge University Press.
6. Talbot, I. (2000). Pakistan: A Modern History. Karachi: Oxford University Press.
7. Woolard, K.A (1989). *Double Talk: Bilingualism and the politics of ethnicity in Catalonia*. Stanford. CA: Stanford University Press.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair